SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريہ 1982

# SINDH ORDINANCE NO. XI OF 1982

# سنڌ ايگريڪلچرٽس لون (ترميم) آرڊيننس، 1982

# THE SIND AGRICULTURISTS LOANS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1982

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement

2. مغربي پاڪستان ايڪٽ XVII مجريہ 1958 جي دفعہ 3 جي تبديلي.
Amendment of section 3 of the West Pakistan Act XVII of 1958

3. مغربي پاڪستان ايڪٽ XVII مجريہ 1958 جي دفعہ 5 جي تبديلي.
Amendment of section 5 of the West Pakistan Act XVII

# سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريہ 1982
# SINDH ORDINANCE NO. XI OF 1982
# سنڌ ايگريڪلچرٽس لون (ترميم) آرڊيننس، 1982
# THE SIND AGRICULTURISTS LOANS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1982

[11 جولائي 1982]

ايڪٽ جنهن سان سنڌ ايگريڪلچرٽس لون ايڪٽ، 1958 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

هن آرڊيننس جي ذريعي سنڌ ايگريڪلچرٽس لون، ايڪٽ 1958 ۾ اهڙيءَ طرح ترميم ڪرڻ مقصود آهي تہ جنهن سان ننڍين آبادگارن کي ڏنل قرضن جي وياج کان مستثنيٰ ڏني وڃي ۽ انهن کي قرض حسنہ جي سهولت مهيا ڪئي وڃي.

جنهن کي هيٺين طريقي سان تبديل ڪيو ويندو.

ان ڪري هاڻي 5 جولائي 1977 جي اعلان ۽ وقتي آئين 1981 جي حڪم جي تعميل ۾ گورنر سنڌ خوشيءَ سان هي آرڊيننس ناهي لاڳو فرمائي ٿو:-

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ايگريڪلچرٽس لون (ترميم) آرڊيننس، 1982 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

مغربي پاڪستان ايڪٽ XVII مجريہ 1958 جي دفعہ 3 جي تبديلي.
Amendment of section 3 of the West Pakistan Act XVII of 1958

2. سنڌ ايگريڪلچرٽس، لون ايڪٽ، 1958 (جنهن کي هن کانپوءِ ايڪٽ سڏيو ويندو) دفعہ 3 جو هن طرح متبادل بڻايو ويندو.

"3. (1) اوڏر تي ورتل قرض يا قرض تي ورتل ڀج وياج کان مستثنيٰ هوندا."

(2) جيڪڏهن ڪنهن اهڙي ضرورتمند آبادگار جنهن وٽ لينڈ ريفارمز ريگيوليشن 1972 جي مطابق پنهنجي گذرسفر جيتري زمين هجي ان کي ذيلي دفعہ (2) تحت ڏنل قرض

۾ قرضن تي خريد ڪيل ٻجن جي رقم قرض حسنہ هوندي.

(3) ذيل دفعہ (2) ۾ بيان ڪيل قرض يا وڪڙيل ٻجن ڪانسواءِ باقي قرضن جي وصولي ڪئي ويندي جنهن ۾ وصولي جي لاءِ ڪٿ بہ شامل هوندي بشرطيڪ انهن ماڻهن کان لينڊ روينيو جي بقاياجات جي طور تي ورتو ويندو جنهن کي قرض ڏنو ويو آهي، ٻج وڪڙيو ويو آهي يا ضمانتون هجن.

3. هن ايڪٽ تحت، دفعہ 5 جي ذيلي دفعہ (2) جي الفاظ "۽ وياج" کي ختم ڪيو ويندو.

مغربي پاڪستان ايڪٽ XVII مجريہ 1958 جي دفعہ 5 جي تبديلي.

Amendment of section 5 of the West Pakistan Act XVII

**نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**